# سنڌي ڀاشا ۽ رومن سنڌي لپي

**ستيش روهڙا**

‘ڀاشا’ هڪ اهڙو آوازي علامتن يا ڌوني پرتيڪن(vocal symbols) جو سرشتو آهي جنهن جي دوارا ماڻهو هڪ-ٻئي سان ويچارن جي ڏي- وٺ ڪري سگهن ٿا. انساني سڀيتا جي وڪاس جو مکيہ آڌار ڀاشا آهي.

دنيا ۾ گهڻائي ماڻهن جا مجموعا يا سماجڪ ايڪا آهن. ماڻهن جي اهڙي هرهڪ مجموعي جي الڳ ڀاشا آهي. ڇاڪاڻ جو دنيا ۾ اهڙا گهڻائي ماڻهن جا مجموعا يا سماجڪ ايڪا آهن ان ڪري سنسار ۾ هزارين ڀاشائون آهن.

اهو اول ئي ٻڌايو ويو آهي تہ ڀاشا هڪ آوازي سرشتو آهي يعني ڀاشا جو استعمال ڪرڻ معني وات مان آواز ڪڍڻ. آواز جيئن ئي وات مان نڪري ٻاهر اچن ٿا تيئن ئي اُهي هوا جي لهرن تي ٿئلجڻ ٿا لڳن. جي انهن کي جهٽڻ وارو ڪوئي انهن جي دائري ۾ آهي تہ اهو انهن آوازن کي جهٽي وٺي ٿو پوءِ اُهي آواز هوا ۾ ملي هڪ ٿي ٿا وڃن. اهڙيءَ طرح ڏسجي تہ ڳالهائي ويندڙ ڀاشا هڪ ٿور وقتي يا عارضي شئہ آهي.

ڳالهايل ڀاشا کي دائما ٻڻائڻ لاءِ انسان لِڪُن ۽ ٻُڙيُن جو سرشتو ڳولهي ڪڍيو. جنهن کي ‘لپي’ ٿو چئجي . جئين ڀاشا آوازن جو هڪ سرشتو آهي تيئن لپي بہ ‘اکري علامتن’ يا لپي پرتيڪن(graphic symbols) جو هڪ سرشتو آهي. لپي سرشتي ۾ اکري علامت يا اکر آوازي علامت يا آواز جو عيوضي ٻڻجي اچي ٿو يعني اکر مان اسين واسطيدار آواز کي سمجهي ٿا وٺون.

آواز تہ هوا جي لهرن سان ملي گم ٿي وڃن ٿا مگر انهن آوازن کي اکرن جو روپ ڏيئي سون- هزارن سالن تائين سانڍي سگهجي ٿو.

اُصوُلي طرح ڪنهن بہ ڀاشا جو ڪنهن بہ لپيءَ سان ڪو لازمي (compulsory) سنبنڌ نہ آهي. مطلب تہ ڪنهن بہ ڀاشا لاءِ ڪابہ لپي استعمال ٿي سگهي ٿي پر هڪ دفعو ڪائي لپي ڪنهن ڀاشا لاءِ استعمال ٿيڻ شروع ٿئي ٿي تہ پوءِ ان کي بدلائڻ ڏکيو ٿو ٿئي.

1843 ۾ انگريزن سنڌ فتح ڪئي ۽ 1853 ۾ انهن جي دوران نهرايل عربي پارسي لپي سنڌي ڀاشا لاءِ استعمال ٿيڻ لڳي. 1947 ۾ ملڪ جو ورهاڱو ٿيو ۽ ڀارهن- تيرهن لک هندو سنڌي سنڌ مان لڏي هندستان ۾ هليا آيا. هندستان ۾ سنڌي ڀاشا لاءِ عربي پارسي يا سنڌي لپيءَ سان گڏ ديوناگري لپيءَ جو بہ وهنوار ٿيڻ لڳو ۽ هاڻي تہ سنڌي لپي ڄاڻڻ وارن جو تعداد ڪافي ٿورو وڃي بچيو آهي.

نين حالتن سبب ڪيترا سنڌي هندستان کان ٻاهر ٻين ملڪن ۾ وڃي رهيا – وسيا آهن. اُهي ۽ انهن جا ٻار سنڌي ڳالهائين تہ ٿا پر هوُ سنڌي يا ديوناگري ڪابہ لپي ڪونہ ڄاڻن ان ڪري اُهي انهن لپين ۾ سنڌي پڙهي-لکي ڪونہ ٿا سگهن؛ پر سنڌي ڀاشا جي رومن لپيءَ ۾ لکيل هجي تہ هو پڙهي سگهن ٿا. ان ڪري ٻاهرين ملڪن ۾ ڪيترو ڌرمي ساهتيہ – (جئين ساڌو واسواڻيءَ جو ‘نوُري’ گرنٿ، ‘ستنارايڻ جي ڪٿا’ وغيرهہ) رومن لپيءَ جي دوران پڙهيو وڃي ٿو. اڄ ڪلهہ موبائيل ذريعي نياپو وغيرهہ بہ رومن لپيءَ دوران موڪلي سگهجي ٿو. سنڌي ڀاشا جي ڪيتري ڄاڻ بہ موبائيل تي رومن لپيءَ ۾ ڏئي سگهجي ٿي. هنئن بہ اڄ ڪلهہ هندي ڀاشا جا سڀ اشتهار، فلمن جا نالا وغيرهہ رومن لپيءَ ۾ لکجن ٿا. ان ڪري سنڌي ڀاشا لکڻ لاءِ رومن لپيءَ جو استعمال وڌي رهيو آهي. ان ڪري ان ڳالهہ جي ضرورت آهي تہ رومن لپيءَ ۾ سنڌي ڀاشا لکڻ لاءِ ڪو اهڙو سرشتو ٺاهيو وڃي جيڪو استعمال ڪرڻ آسان بہ هجي ۽ سنڌي ڀاشا جي آوازن کي اظهاري بہ سگهي.

رومن سنڌي لپيءَ جي هڪ روپ ريکا هتي ڏني وڃي ٿي. سڀني دوستن کي عرض آهي تہ هن روپ ريکا کي چڱيءَ طرح سان ڏسي، ويچار ڪري ان بابت پنهنجيون صلاحون لکي موڪلڻ جي مهرباني ڪن. جيئن آيل صلاحن تي سوچ-ويچار ڪري رومن لپيءَ ۾ سنڌي ڀاشا لکڻ لاءِ ڪو اهڙو سرشتو تيار ڪري سگهجي جيڪو سڀني حوالن ۾ هڪ سريکو استعمال ٿي سگهي.

# رومن سنڌي لپي
# روپ ريکا

**ستيش روهڙا**

رومن سنڌي لپيءَ جي روپ ريکا جون ڪي خوبيون يا فيچرس (features)

1. اها ڪوشش ڪئي ويئي آهي تہ رومن لپي ڄاڻندڙن يعني انگريزي ڄاڻندڙن کي هيءَ لپي گھڻو منجھائيندڙ نہ لڳي.

2. هيءَ لپي سنڌي ٻاشا جي آوازن جي ويجھو هجي.

3. ڪمپيوٽر جي خيال کان سهوليت ڀري هجي. جيئن تہ -

- ڪمپيوٽر جي ڪنجين تختي (Key board) تي اکر ۽ واڌوُ نشان سولائيءَ سان ملي سگھن.

- ڪنهن اکر کي ٽائيپ ڪرڻ لاءِ ڪمپيوٽر جي ڪنجي گھڻ دفعا دٻائڻي پوي.

- ٽائيپ ڪرڻ ۾ رفتار گھٽي گھٽجي نہ وڃي.

- ساڳيو نشان ٻن قسمن جي آوازن لاءِ ڪم نہ اچي.

4. رومن اکرن سان جوڙيل واڌو اکرن ۽ نشانن ۾ يڪسانيت يا هڪجھڙائي هجي. جيئن وِسرگي آواز ڏيکارڻ لاءِ اُ وسرگي اکر سان هميشھ 'h' جوڙيو ويو آهي.

5. سنڌي لپيءَ ۾ ڪم ايندڙ 52 اکر ئي هن روپ ريکا ۾ ڏيکاريا ويا آهن.

6. هڪ ئي آواز لاءِ ڪم ايندڙ، هڪ کان وڌيڪ سنڌي اکرن لاءِ هڪ ئي رومن اکر ٺاهيو ويو آهي. جيئن سنڌي لپيءَ جي چئن اکرن ز،ذ،ض،ظ لاءِ هڪ ئي رومن اکر Z ٺاهيو ويو آهي.

7. رومن لپيءَ جي 26 اکرن مان `W` کي ڇڏي باقي 25 اکرن جو استعمال ڪيو ويو آهي.

8. رومن سنڌي لپيءَ ۾ ڪل 51 اکر آهن. مطلب تہ هر هڪ رومن اکر مان سراسر ٻہ سنڌي اکر جوڙيا ويا آهن.

9. اکرن گڏڻ کان سواءِ رڳو 3 واڌوُ نشانيون ڪم آنديون ويون آهن. اُهي آهن- اکر جي مٿان ساڄي پاسي ڏنل ٿوري دم جي نشاني ( ʿ ) جيڪا نڪاوان آواز ڏيکارڻ لاءِ ڏني ويئي

آهي. ٻي نشاني آهي اکر جي مٿان ساڄي پاسي ڏنل هڪ ڦڏي يا لهردار ليڪ (~) جيڪا سنڌيءَ جا نج اندر ڏماڪيدار اکرن کي ڏيکارڻ لاءِ ڏني ويئي آهيءِ ٽين نشاني آهي اکر جي مٿان ساڄي پاسي ٽوپي يا اُبتي ^ جيڪا 'ٽ' ورگ جي اکرن کي ڏيکارڻ لاءِ ڏني ويئي آهي.

10. ٽئي واڌوُ نشان اکر جي مٿان ساڄي پاسي ننڍي ماپ جا آهن ان ڪري پنيان ايندڙ اکر جي جاءِ نٽا گهٽائين ۽ ڪنهن بہ اکر جي مٿان يا هينان ڪوئي بہ واڌو نشان ڪونهي ان ڪري اُهي عام رومن اکرن کان هينان يا مٿان وڌيڪ جاءِ ڪونہ ٽا والارين .

# رومن سنڌي لپي

## روپ ريکا

### ديوناگري، سنڌي ۽ رومن اکرن جو سلسلو

| | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| अ | आ | इ | ई | उ | ऊ | ए | ऐ | ओ | औ | अं |
| اَ | آ | اِ | ايِ | اُ | اوُ | اي | اَي | او | اَو | اَن |
| a | aa | i | ee | u | oo | e | ae | o | ao | a’ |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| क | ख | ग | घ | ङ |
| ڪ | ک | گ | گھ | ڱ |
| k | kh | g | gh | g' |
| | | | | |
| च | छ | ज | झ | ञ |
| چ | ڇ | ج | جھ | ڃ |
| c | ch | j | jh | j' |
| | | | | |
| ट | ठ | ड | ढ | ण |
| ٽ | ٺ | ڊ | ڍ | ڻ |
| t^ | th^ | d^ | dh^ | n^ |
| | | | | |
| त | थ | द | ध | न |
| ت | ٿ | د | ڌ | ن |
| t | th | d | dh | n |
| | | | | |
| प | फ | ब | भ | म |
| پ | ڦ | ب | ڀ | م |
| p | ph | b | bh | m |
| | | | | |
| य | र | ल | व | |
| ي | ر | ل | و | |
| y | r | l | v | |
| | | | | |
| | स | ष | ह | |
| | س | ش | ھ | |
| | s | sh | h | |

خاص ديوناگري اکر

| | | |
|---|---|---|
| ديوناگري | ड़ | ढ़ |
| سنڌي | ڙ | - |
| رومن | r^ | - |

هڪ ئي آواز ڏيندڙ گهڻن سنڌي اکرن لاءِ ديوناگري ۽ رومن اکر

| سنڌي | ديوناگري | رومن |
|---|---|---|
| ز،ذ، ض، ظ | ज़ | z |
| س، ث، ص | स | s |
| ت، ط | त | t |
| ڪ، ق | क | k |
| هه، ح | ह | h |
| اَ، ع، ءُ | अ | a |

خاص سنڌي اکر

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| سنڌي | ڳ | ڄ | ڏ | ٻ | ف | ز | خ | غ |
| ديوناگري | ॻ | ॼ | ॾ | ॿ | फ़ | ज़ | ख़ | ग़ |
| رومن | g~ | j~ | d~ | b~ | f | z | kx | gx |

## رومن سنڌي اکرن جي اُچار جا مثال (ڪابي ڪان)

## رومن اکر ۽ انگريزي لفظ

| سنڌي اکر | رومن سنڌي اکر | رومن اکر | انگريزي لفظ ۾ اکر |
|---|---|---|---|
| اَ | a | as a in | abuse |
| آ | aa | as a in | ask |
| اِ | i | as i in | it |

| | | | |
|---|---|---|---|
| اي | ee | as ee in | sheep |
| اُ | u | as u in | put |
| اوُ | oo | as oo in | shoot |
| اي | e | as e in | bed |
| اَي | ae | as a in | at |
| او | o | as o in | home |
| اَو | ao | as oa in | thought |
| اَن | a’ | as an in | anklet |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ک ق | K | as k in | Kite |
| کـ | kh | as kh in | Khaki (Hindi word) |
| گـ | g | as g in | goat |
| گھ | gh | as gh in | ghost |
| ڴ | g’ | as an in | anchor |
| چ | c | as ch in | church |
| ڇ | ch | as chh in | chhokra (Hindi word) |
| ج | j | as J in | Joke |
| جھ | jh | as Jh in | Jheel (Hindi word) |
| ڃ | j’ | as n in | avenge |
| ث | t^ | as t in | table |
| ث | t^h | as t^h in | pat^haan |
| ڊ | d^ | as d in | dish |
| ڍ | dh^ | as dh in | dhow (Arab small ship) |
| ڻ | n^ | as n^ in | kan^ (Hindi word) |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ت،ط | t | as t in | taal (Dutch dialect) |
| ٿ | th | as th in | thirty |
| د | d | as th in | there |
| ڌ | dh | as dh in | dharna (Hindi word) |
| ن | n | as n in | nut |
| پ | p | as p in | pair |
| ڦ | ph | as ph in | Phool (Hindi word) |
| ب | b | as b in | bin |
| ڀ | bh | as bh in | bhajan (Hindi word) |
| م | m | as m in | make |
| ڙ | r^ | as r^ in | ped^ (Hindi word) |
| ز ذ ض ظ | z | as z in | zebra |
| س ث ص | s | as s in | sun |
| ھ ح | h | as h in | hole |
| آ ع ء | a | as a in | alive |
| خ | kx | as kh in | khalsa (Hindi word) |
| غ | gx | as gh in | Ghazi (Hindi word) |
| ف | F | as f in | fun |

ڳ g ~ ڄ j ~ ڏ d ~ ٻ b ~

هيءُ سنڌيءَ جا پنهنجا نج اندر ڏماڪيدار آواز آهن. جن جي برابر آواز هندي خواهہ انگريزي ٻاشا ۾ ڪونہ آهن. پر ويجهي ٻاهر ڏماڪيدار سنيڪت وينجن (ساڳئي وينجن کي ڳڏڻ) جي اُچارڻ سان انهن سان ٺورو ويجهو لڳندڙ آواز نڪري سگهي ٿو.

These are unique sounds of Sindhi Language which have no comparable sounds in Hindi or English Language. However, the germination of the nearest consonant (explosive) (doubling of same consonant) may be nearest in pronunciation. Thus Roman Sindhi letter:

| سنڌي اکر | سنڌي لفظ | رومن سنڌي اکر | رومن سنڌيءَ ۾ لفظ | انگريزي لفظ |
|---|---|---|---|---|
| ڳ | ڳيرو | g ~ | g~ero (=ggero) | Dove |
| ڄ | سڄو | J ~ | saj ~o(= sajjo) | Whole |
| ڏ | وڏو | d ~ | vad ~o(=vaddo) | big |
| ٻ | ٻلي | b ~ | b~ilee(= bbilee) | cat |